هفتيوار رسالو



# امير اهل سُنّت جا فرمان

(اميرِ اهلِ سنت دامت برڪاتهم العاليه جي مختلف ڪتابن مان ورتل)

ايمان جو چور ڪيئي ايندو آهي؟

شيطان جو سڀ کان وڏو هٿيار

دل کي مرده ڪندڙ هڪ ڪم

ناقابلِ هضم جي سڀ کان وڏي دليل


شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت، دعوتِ اسلامي جو باني، حضرت علامه مولانا ابو بلال

محمد الياس عطار قادري رضوي دامت برڪاتهم العاليه

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنۡ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهہ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افۡتَحۡ عَلَيۡنَا حِكۡمَتَكَ وَانۡشُرۡ عَلَيۡنَا رَحۡمَتَكَ يَا ذَاالۡجَلَالِ وَالۡاِكۡرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفكر بيروت)



طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

رسالي جو نالو: امير اهلسنت جا فرمان

ڇاپو پهريون:

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي

مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجهہ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

# اميراهلسنت جا فرمان

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر المدينة العلميہ** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**رابطي جي لاءِ:**


**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# امير اهلسنت جا فرمان

**دُعاءِ خليفهٔ امير اهلسنت:** اي الله پاڪ! جيڪو بہ هي رسالو ”**امير اهلسنت جا فرمان**“ مڪمل پڙهي يا ٻڌي وني، ان کي هنن فرمائن کي سمجهڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرماءِ، ان جي ظاهر و باطن کي سنو ڪر ۽ کين ماءُ پيءُ سميت بي حساب بخشي ڇڏ.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## دُرُود شريف جي فضيلت

حضرت عبدُالرحمٰن بن عَوف رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کان روايت آهي تہ رسولِ بي مثال، بيبي آمنہ جا لال صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ پيرو ٻاهر تشريف کڻي آيا تہ مان بہ پويان هلڻ لڳس. پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ باغ ۾ داخل ٿيا ۽ سجدي ۾ هليا ويا. سجدو ايترو تہ ڊگهو ڪيائون جو مون کي انديشو ٿيو تہ ڪٿي الله پاڪ روح مبارڪ قبض نہ فرمائي ورتو هجي. جيئن ته مان ويجهو ٿي غور سان ڏسڻ لڳس، جڏهن سرِ اقدس کنيائون تہ فرمايائون: اي عبدالرحمٰن! ڇا ٿيو؟ مون پنهنجو خدشو ظاهر ڪيو تہ فرمايائون: ”جبرائيل مين مون کي چيو: ڇا اوهان کي اها ڳالهہ خوش نٿي ڪري تہ الله پاڪ فرمائي ٿو تہ جيڪو اوهان تي درودِ پاڪ پڙهندو مان ان تي رحمت نازل فرمائيندس ۽ جيڪو اوهان تي سلام موڪليندو مان ان تي سلامتي نازل ڪندس.“ (مُسندِامامِ احمد،1/406،حديث:11662)

زمانے والے ستائیں، دُرودِ پاک پڑھو
جہاں کے غم جو رُلائیں، دُرودِ پاک پڑھو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڪتاب ”ڪفريا ڪلمات جي باري ۾ سوال جواب“ مان 28 مدني گل

1. جيڪو دنيا مان ايمان سلامت ڪڍي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿيو، اهو ئي حقيقي معنيٰ ۾ ڪامياب (آهي) ۽ جيڪو جنت ماڻي وٺي، اهو ئي مراد ماڻيندڙ آهي. (کفریہ کلمات کے بارے میں سوال جواب،ص7)

2. هر ڪنهن کي پنهنجي باري ۾ اهو خوف رکڻ گهرجي تہ ڪٿي ائين نہ ٿئي جو مون کان ڪو اهڙو قول يا فعل سرزد ٿي وڃي جنهن جي ڪري معاذ الله! ايمان برباد ٿي وڃي ۽ ڪيل سڀ نيڪيون اَڪارت (يعني ضايع) ٿي وڃن. (کفریہ کلمات کے بارے میں سوال جواب، ص30)

3. دين جي متعلق جيڪا ڳالهہ يقيني طور معلوم هجي اها ئي بيان ڪرڻ گهرجي، ايمانيات جي معاملي ۾ وڏيڪ عقل جا گهوڙا ڊوڙائڻ انتهائي خطرناڪ هوندو آهي، ڇوتہ ٿُڏو لڳڻ تي ماڻهو ڪڏهن ڪڏهن ڪفريات جي اونداهي کڏ ۾ وڃي ڪرندو آهي. (کفریہ کلمات کے بارے میں سوال جواب، ص33)

4. جيڪي ماڻهو دنيا کي ئي پنهنجو سڀ ڪجهہ سمجهي ويهندا آهن، موت کي وساري ويهندا آهن ۽ نيڪ ماڻهن کان رشتو ٽوڙي ويهندا آهن، اهي عام طور تي بي لغام هوندا آهن. (کفریہ کلمات کے بارے میں سوال جواب، ص117)

5. پريشان حال ڪي گهرجي تہ اللہ پاڪ جي رضا تي راضي رهي ۽ پنهنجو پاڻ کي سمجهائيندي دل ئي دل ۾ چوي تہ شهيدانِ ڪربلا ۽ اسيرانِ ڪربلا رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُم تي جيڪي مصيبتون آيون هيون اهي يقيناً مون تي ايندڙ مصيبتن کان ڪروڙين ڀيرا وڏيڪ هيون، پر انهن کلندي خوشيءَ سان برداشت ڪيون ۽ صبر ڪري جنت جا حقدار بڻيا. مان ڪٿي بي صبري ڪري آخرت جي سعادت کان محروم نہ ٿي وڃان! (کفریہ کلمات کے بارے میں سوال جواب،ص122،123)

6. تڪليف تي صبر ڪري اجر حاصل ڪرڻ گهرجي ڇو تہ آفتون ۽ بلائون، گناهن جو ڪفارو ۽ درجات جي بلنديءَ جو سبب هونديون آهن. (کفریہ کلمات کے بارےمیں سوال جواب، ص126)

7. اَمرد (يعني سهڻو ڇوڪرو) تہ باهہ آهي! شهوت جي باوجود اَمرد جي ويجهڙائي، ان جي دوستي، ان جي ڀُڇيءَ ۾ هٿ وجهڻ، ان سان مذاق مسخري، پاڻ ۾ ڪُشتي، چڪتاڻ ۽ چنبڙڻ جهنم ۾ اڇلائي سگهي ٿو. امرد کان پري رهڻ ۾ ئي عافيت آهي. (کفریہ کلمات کے بارے میں سوال جواب، ص 156)

8. دنياوي آفت ۽ مصيبت مسلمان جي حق ۾ اڪثر تمام وڏي نعمت هوندي آهي. (کفریہ کلمات کے بارے میں سوال جواب،ص162)

9. گاڏين، عمارتن، دولت، صحت ۽ طرح طرح جي نعمتن جي گهٽائي ڏسي ڏجڻ گهرجي تہ ڪٿي هي دنيا ۾ نيڪين جو بدلو نہ هجي ۽ غربت، آفتن، بيمارين ۽ طرح طرح جي مصيبتن جو سلسلو ڏسي صبر ڪرڻ ۽ دل وڏي رکڻ گهرجي تہ ٿي سگهي

ٿو ھي آخرت جي راحتن جي ملڻ جو سبب ھجي. اسان اللہ پاڪ کان ﭘنھي جھانن جون ﭘلايون گھرون ٿا. (کفریہ کلمات کے بارے میں سوال جواب، ص163)

.10 مصيبتن جي ڪري اللہ پاڪ تي اعتراض ڪري پاڻ کي ھميشہ لاءِ جھنم جي حوالي ڪرڻ وارو شخص تمام وڏو بدنصيب آھي. (کفریہ کلمات کے بارے سوال جواب، ص165)

.11 بغير ضرورت جي مصيبت جو اظھار ڪرڻ سٺي ڳالھہ ناھي. (کفریہ کلمات کے بارے میں سوال جواب، ص169)

.12 صرف انبياء ۽ مرسلين عَلَيۡهِمُ السَّلَام صحابہ ۽ تابعين عَلَيۡهِم الرِّضۡوَان ۽ اولياءِ ڪاملين رحمۃ اللہ علیھم جو ئي امتحان ناھي ورتو ويندو، عام مسلمانَ بہ آزمايا ويندا آھن ۽ ﭘوءِ صبر ڪري خوب اجر ڪمائيندا آھن. (کفریہ کلمات کے بارے میں سوال جواب، ص172)

.13 عالمِ دين جي عظمت واري شان ۾ بي ادبيءَ کان بچڻ تمام ضروري آھي. (کفریہ کلمات کے بارے میں سوال جواب،ص 352)

.14 احڪامِ شريعت جي معاملي ۾ زبان ۽ دل کي تمام گھڻو ضابطي ۾ رکڻ جي ضرورت آھي، ڪتي ائين نہ ٿئي جو معمولي غلطي ھميشہ لاءِ جھنم ۾ ﭘھچائي ڇڏي. (کفریہ کلمات کے بارے میں سوال جواب، ص365)

.15 اللہ پاڪ جي ڏنل مال مان فرض ٿيڻ جي صورت ۾ خوشيءَ سان زڪوات ادا ڪرڻ گھرجي، ڇو تہ ان ۾ دنيا ۽ آخرت جون بيشمار ﭘلايون آھن. (کفریہ کلمات کے بارے میں سوال جواب، ص383)

16. جتي مال و دولت جو زور هوندو آهي اتي چور ايندو آهي ۽ جتي ڪامل ايمان هوندو آهي اتي ايمان جو چور شيطان ايندو آهي. (کفریہ کلمات کے بارے میں سوال جواب ،ص426)

17. بري صحبت برو رنگ لائيندي آهي. (کفریہ کلمات کے بارے میں سوال جواب، ص 428)

18. دنيا جي بي انتها محبت، حلال ۽ حرام جي پرواهہ ڪرڻ ڪانسواءِ مال ڪمائڻ جي ڌُن ۽ گناهن جي گهڻائيءَ جي نُحوست ڪڏهن ڪڏهن دل مان دين ۽ ايمان جي قدر و منزلت ڪڍي ڇڏيندي آهي، ڪفر تي خاتمي جو سبب بڻجندي آهي ۽ هميشہ هميشہ لاءِ جهنم جي ٻرندڙ باهہ ۾ اڇلائي ڇڏيندي آهي. (کفریہ کلمات کے بارے میں سوال جواب،ص456)

19. اللّٰه غفّار جڏهن بخشڻ تي ايندو آهي تہ وڏي کان وڏي گنهگار کي بہ بي حساب بخشي ڇڏيندو آهي ۽ جڏهن پڪڙ ڪرڻ چاهيندو آهي تہ بظاهر ننڍي گناهہ تي بہ پڪڙيندو آهي، تنهنڪري اللّٰه رب العزت جي رحمت کان هرگز مايوس نہ ٿيڻ گهرجي ۽ ان جي ڳجهي تدبير کان بي خوف بہ نہ رهڻ گهرجي. (کفریہ کلمات کے بارے میں سوال جواب،ص483)

20. جنهن جو گلن جهڙو ٻار اوچتو فوت ٿي وڃي ان جو صدمو اهو ئي سمجهي سگهي ٿو، پر دانهون ڪرڻ ۽ رڙيون ڪرڻ سان ٻار واپس ناهي ايندو، صبر ڪرڻ گهرجي. (کفریہ کلمات کے بارے میں سوال جواب، ص 490)

21. جنهن کي ايمان جي حفاظت عزيز هجي ان کي گهرجي تہ هو مذاحيہ چٽڪلن جي ڪيسٽن، فلمن، ڊرامن، گانن باجن، روماني ۽ جاسوسي ناولن، ڊائجسٽن، عشقيه افسانن ۽ اخبارن جي غير

شرعي لڪٽين وغيره جي ويجهو بہ نہ وڃي. (کفریہ کلمات کے بارے میں سوال جواب، ص 501)

22. هر اسلامي ڀاءُ کي گهرجي تہ هو سني صحبت اختيار ڪري، صرف ۽ صرف علماءِ اهلِسنت جي مضامين ۽ انهن جي ڪتابن جو ئي مطالعو ڪري. (کفریہ کلمات کے بارے میں سوال جواب، ص501)

23. وڌيڪ ڳالهائيندڙ، غير سنجيده ۽ مذاق مشڪري جي عادي جي زبان مان فضوليات سان گڏ ڪفريات نڪرڻ جا ڪافي خطرا رهندا آهن. الله رب العزت اسان کي سنجيدگي ۽ گهٽ ڳالهائڻ جي سعادت عطا فرمائي. (کفریہ کلمات کے بارے میں سوال جواب، ص507)

24. هر عمل سنين سنين نيتن سان صرف رب پاڪ جي رضا لاءِ ڪرڻ گهرجي. (کفریہ کلمات کے بارے میں سوال جواب،ص534)

25. هر ڪنهن سان ان جي عقل ۽ سمجهہ مطابق ڳالهائڻ گهرجي، ڇو تہ گهريون ڳالهيون ڪيس پريشانيءَ ۾ وجهي سگهن ٿيون بلڪه راهہ تان ڀٽڪائي سگهن ٿيون. (کفریہ کلمات کے بارے میں سوال جواب، ص558)

26. زبان کي تمام گهڻو سنڀالي هلائڻ ضروري آهي، جڏهن هيءَ قينچيءَ وانگر هلندي آهي تہ ان مان ڪفريات نڪرندي دير ناهي لڳندي. (کفریہ کلمات کے بارے میں سوال جواب، ص598)

27. اسان کي شيطان جي وار کي ناڪام بڻائيندي هر وقت باعمل عالِمن جي دامن سان وابستہ رهڻ گهرجي تہ جيئن ديني معلومات

حاصل ٿيندي رهي، نه ته شيطان ڪٿي ايمان ڳسڻ ۾ ڪامياب نہ ٿي وڃي. (کفریہ کلمات کے بارے میں سوال جواب، ص659)

28. علماءِ رَبَّانِيِّين (رَبَّا. نِي. يِيّن) جي بارگاهن ۾ حاضري، توبہ جي توفيق ملڻ ۽ ايمان جي حفاظت لاءِ اپاءُ وٺڻ جو سبب بڻجي سگهي ٿي. (کفریہ کلمات کے بارے میں سوال جواب، ص662)

## ڪتاب ”مدني پنج سوره“ مان 4 مدني گل

1. پنهنجي نيڪ ۽ جائز ڪمن ۾ برڪت داخل ڪرڻ لاءِ اسان کي پهريان بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم ضرور پڙهڻ گهرجي. (مدنی پنج سورہ، ص3)

2. دعا ضايع تہ ٿيندي ئي ناهي، ان جو دنيا ۾ جيڪڏهن اثر ظاهر نہ بہ ٿئي تہ آخرت ۾ اجر ۽ ثواب ملي ئي ويندو، تنهنڪري دعا ۾ سستي ڪرڻ مناسب ناهي. (مدنی پنج سورہ، ص 184)

3. فرض روزن ڪانسواءِ نفل روزن جي بہ عادت وجهڻ گهرجي، ان ۾ بيشمار ديني ۽ دنياوي فائدا آهن. (مدنی پنج سورہ، ص293)

4. جن جا والدين يا انهن مان ڪو هڪ فوت ٿي ويو هجي تہ انهن کي گهرجي تہ انهن جي طرفان غفلت نہ ڪن، انهن جي قبرن تي بہ حاضري ڏيندا رهن ۽ ايصالِ ثواب بہ ڪندا رهن. (مدنی پنج سورہ ،ص394)

## ڪتاب ”غيبت جون تباه ڪاريون“ مان 15 مدني گل

1. غيبتن ۽ گناهن ڀريل ڳالهين کان رشتو ٽوڙيو ۽ الله پاڪ جي ياد، مني مني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نعتن سان رشتو جوڙيو.

درود و سلام لاءِ زبان جو خوب استعمال ڪريو، قرآنِ پاڪ جي خوب تلاوت ڪريو ۽ ثواب جو ڪوڙ خزانو حاصل ڪريو. (غیبت کی تباہ کاریاں، ص37)

.2 غيبت جي تباهه ڪارين مان هڪ هي بہ آهي تہ ان جي نحوست سان عبادت جي نورانيت ختم ٿي ويندي آهي. (غیبت کی تباہ کاریاں، ص 38)

.3 عوام توڙي خواص هر هڪ کي گھرجي تہ محتاط زندگي گذارين، اهڙن مباح ڪمن ۽ فعلن کان بہ پاڻ کي بچائين جيڪي غيبت جو دروازو کلڻ جو سبب بڻجن. (غیبت کی تباہ کاریاں، ص 83)

.4 شماتت (يعني مسلمان جي تڪليف تي خوشيءَ جي اظهار) کان پرهيز ڪريو. (غیبت کی تباہ کاریاں، ص 119)

.5 جڏهن ڪو مسلمان ڪنهن گناهہ کان توبہ ڪري وٺي تہ هاڻي ان گناهہ بابت ڪيس شرمسار نہ ڪرڻ گھرجي. (غیبت کی تباہ کاریاں، ص129)

.6 اجائي بڪ بڪ جي عادت ماڻهوءَ کان اهو بہ چورائي وجهندي آهي جيڪو ناهي چوڻو هوندو ۽ ڪيس سخت پريشانيءَ ۾ وجهندي آهي. (غیبت کی تباہ کاریاں، ص129)

.7 معاذالله! صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُم کي گاريون ڏيڻ گناهہ، تمام سخت گناهہ قطعي حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي. (غیبت کی تباہ کاریاں، ص 196)

8. زبان جيتوڻيڪ بظاهر گوشت جي هڪ ننڍڙي ٻوٽي آهي پر هيءَ الله پاڪ جي عظيم الشان نعمت آهي. هن نعمت جو قدر شايد گونگو ئي ڄاڻي سگهي ٿو. (غيبت کی تباہ کاریاں، ص222)

9. زبان جو درست استعمال جنت ۾ داخل ۽ غلط استعمال جهنم ۾ پهچائي سگهي ٿو. (غيبت کی تباہ کاریاں،ص222)

10. نيڪ ٻانهن سان دعا ۾ شرڪت تمام وڏي سعادت آهي. (غيبت کی تباہ کاریاں، ص258)

11. ڪنهن مسلمان بابت جلدبازي ۾ غلط راءِ قائم نہ ڪرڻ گهرجي، اسان کي ڪهڙي خبر تہ الله جي بارگاهہ ۾ ڪنهن جو ڪهڙو مقام آهي. (غيبت کی تباہ کاریاں،ص 345)

12. هميشہ حلال روزي ڪمائڻ، کائڻ ۽ کارائڻ گهرجي. (غيبت کی تباہ کاریاں، ص379)

13. انفرادي ڪوشش ديني ڪمن جي جان آهي. (غيبت کی تباہ کاریاں، ص458)

14. انفرادي ڪوشش جو روح ملنساري آهي. (غيبت کی تباہ کاریاں، ص 458)

15. انفرادي ڪوشش ڪندڙ لاءِ مُخاطَب (يعني جنهن سان ڳالهائي رهيو آهي اُن) جي نفسيات کي پرکڻ تمام ضروري آهي. (غيبت کی تباہ کاریاں، ص 458)

## ڪتاب ”پردي جي باري ۾ سوال جواب“ مان 7 مدني گل

1. مڙس پنهنجي گهر واريءَ جو، پيءُ پنهنجي ٻارن جو ۽ هر شخص پنهنجي ماتحتن جو هڪ طرح سان ”حاڪم“ آهي ۽ هر حاڪم

ڪان قيامت جي ڏينهن ان جي ماتحتن بابت پڇاڻو ٿيندو. (پردے کے بارے میں سوال جواب، ص61)

2. شيطان وٽ مردن کي برباد ڪرڻ لاءِ سڀ کان وڏو ۽ بُرو هٿيار ”عورت“ آهي. (پردے کے بارے میں سوال جواب، ص97)

3. مڙس ۽ گهر واريءَ کي گهرجي تہ پاڻ ۾ محبت ۽ رواداريءَ سان رهن، هڪٻئي جي حقن تي نظر رکن ۽ انهن کي ادا ڪندا رهن. (پردے کے بارے میں سوال جواب، ص118)

4. مسلمانن جي ترقيءَ ۾ پردو نہ پر حقيقت ۾ بي پردگي رڪاوٽ بڻيل آهي. (پردے کے بارے میں سوال جواب، ص152)

5. شرعي پردو (يعني اسلامي پردو) ترڪ نہ ڪيو وڃي ڇو تہ هيءَ عظيم نيڪي آهي ۽ بي پردگي سخت گناهہ (آهي). (پردے کے بارے میں سوال جواب، ص198)

6. پاڻ کان گهٽ مرتبي واري ماڻهوءَ کان دعا ڪرائڻ انبياء، مرسلين عَلَيۡهِمُ السَّلَام ۽ بزرگن رحمہُم اللہ علیہم جو طريقو رهيو آهي. (پردے کے بارے میں سوال جواب، ص305)

7. سچي دل سان گهريل دعائون الله ۽ رسول صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مهربانيءَ سان قبول ٿينديون، التجائون ٻڌيون وينديون ۽ مرادون پوريون ٿينديون آهن. (پردے کے بارے میں سوال جواب، ص306)

## ڪتاب ”نماز جا احڪام“ مان 3 مدني گل

1. اسان کي سنتن تي عمل طبي فائدا حاصل ڪرڻ لاءِ نہ پر صرف ۽ صرف الله جي رضا خاطر ڪرڻ گهرجي. (نماز کے احکام،ص93)

2. مسلمانن کي گھر جي غير واجبي بهتري (يعني فضول سجاوٽ وغيره) جي بدران آخرت جي حقيقي بهتريءَ (يعني آخرت سنوارڻ) تي نظر رکڻ گھرجي. (نماز کے احکام، ص114)

3. اهو مسلمان تمام بدنصيب آهي جيڪو درست قرآن شريف پڙهڻ ناهي سگهندو. (نماز کے احکام، ص211)

## ڪتاب "فيضانِ نماز" مان 13 مدني گل

1. جڏهن ڪا مصيبت اچي يا بلا نازل ٿئي يا ڪو نازڪ معاملو سامهون هجي ته فوراً نماز جو سهارو وٺڻ گهرجي. (فيضانِ نماز،ص25)

2. اللّٰه پاڪ پنهنجي نيڪ ٻانهن جي صدقي ماڻهن تان آفتون ۽ عذاب پري ڪندو آهي. (فيضانِ نماز، ص53)

3. ٿي سگهي ته جاءِ مٽائي مٽائي نماز پڙهڻ گهرجي، جتي جتي نماز پڙهنداسين، ذڪر ۽ درود ڪنداسين، اهي سڀ جايون قيامت جي ڏينهن گواهي ڏينديون. (فيضانِ نماز، ص66)

4. بيشڪ نماز نهايت ئي عظيم الشان عبادت آهي، ان جي برڪت کان صرف بدنصيب ماڻهو ئي محروم رهي سگهن ٿا. (فيضانِ نماز، ص71)

5. ٻانهي کي گهرجي ته هو جيتري قدر ٿي سگهي پنهنجون نيڪيون لڪائي. پنهنجي نفل روزي، نماز، حج، عمري، صدقي ۽ ديني خدمتن وغيره جي نمائش نه ڪرڻ گهرجي. (فيضانِ نماز،ص79)

6. جڏهن ٻہ خوشيءَ جي خبر ملي تہ ٻہ رڪعتون نماز شڪرانو ادا ڪرڻ گهرجي يا شڪر جو سجدو ڪرڻ گهرجي. (فيضانِ نماز، ص273)

7. نماز اطمينان ۽ سڪون سان پڙهڻ گهرجي تہ جيئن اها قبوليت جي منزل تائين پهچي سگهي. (فيضانِ نماز، ص 322)

8. جيڪڏهن اوهان خشوع ۽ خضوع سان نمازون پڙهڻ چاهيو ٿا تہ سڀ کان پهريان گناهن کان پرهيز ڪريو.

9. نماز ۾ خشوع آڻڻ لاءِ جيڪا بہ شيءِ خلل وجهي، ممڪن حد تائين ان کي پري ڪريو. (فيضانِ نماز، ص417)

10. گهڻو کلڻ غفلت ۾ وجهڻ وارو، غير مناسب ۽ دل کي مرده ڪرڻ وارو ڪم آهي. (فيضانِ نماز،ص347)

11. قبرستان جو ويران علائقو دنيا جي آسائشن ۽ سمورين راحتن جي بربادي جو پتو ڏئي ٿو. (فيضانِ نماز، ص477)

12. الله جي نيڪ ٻانهن جي نيڪين، انهن جي صحبتن ۽ انهن جي دعائن سان ٻين کي نفعو پهچندو آهي. (فيضانِ نماز، ص 488)

13. بيشڪ جنت الله رب العزت جي تمام وڏي نعمت آهي، اسان سڀني کي ان کي حاصل ڪرڻ جي تمنا ڪرڻ گهرجي، ان جي طلب ۾ خوب عبادت ڪرڻ گهرجي ۽ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شفاعت سان جنت الفردوس ۾ داخلا جي اميد رکڻ گهرجي. (فيضانِ نماز، ص 539)

## ڪتاب "بياناتِ عطاريہ (جلد: 1)" مان 16 مدني گل

1. جيڪو دنياوي نعمت سان دل لڳائيندو آهي اهو غفلت جو شڪار ٿي ويندو آهي. (رسالہ:غفلت، ص19۔ بياناتِ عطاريہ،19/1)

2. غفلت ٻانهي کي رب العزت کان پري ڪري ڇڏيندي آهي. (رسالہ:غفلت، ص 19۔ بياناتِ عطاريہ،19/1)

3. دنيا جي هر آسائش ۾ آزمائش آهي. (رسالہ:خزانے کے انبا ر،ص 10۔بياناتِ عطاريہ، 75/1)

4. جنهن کي دنيا جو مال ملڻ سان گڏ الله جي راهه ۾ خرچ ڪرڻ جو جذبو بہ ملي ويو اهو سعادتمند آهي. (رسالہ: خزانے کے انبار، ص24۔ بياناتِ عطاريہ، 89/1)

5. مال ۽ دولت جي محبت انسان کي خواري ۽ ذلت جي گهري کڏ ۾ اڇلائي ڇڏيندي آهي. (رسالہ:خزانے کے انبار،ص25۔ بياناتِ عطاريہ، 90/1)

6. عقلمند اهو ئي آهي جيڪو موت کان اڳ موت جي تياري ڪندي نيڪين جو ذخيرو گڏ ڪري وٺي. (رسالہ :بادشاہوں کی ہڈیاں، ص11۔ بياناتِ عطاريہ، 116/1)

7. دنيا ۽ آخرت جي پريشانين جو حل الله پاڪ ۽ ان جي حبيب صَلَّى اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي فرمانبرداريءَ ۾ آهي. (رسالہ:کفن چوروں کے انکشافات، ص 17۔ بياناتِ عطاريہ، 142/1)

8. مسلمان جو هر ڪم الله ۽ ان جي حبيب صَلَّى اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خوشنوديءَ لاءِ هجڻ گهرجي. (رسالہ:کفن چوروں کے انکشافات، ص16۔ بياناتِ عطاريہ، 141/1)

9. هميشہ نماز باجماعت جو اهتمام ڪريو، هرگز ڪوتاهي نہ ڪريو. (رسالہ:کفن چوروں کے انکشافات، ص24۔ بياناتِ عطاريہ، 146/1)

10. ڪنهن کي بہ پنهنجي علم يا عبادت تي ناز نہ ڪرڻ گهرجي. (رسالہ: بُرے خاتمے کے اسباب،ص18۔ بیاناتِ عطّاریہ، 169/1)

11. ايمان جي حفاظت جي دعا کان غفلت نہ ڪرڻ گهرجي. (رسالہ:مردے کے صدمے،ص23۔ بیاناتِ عطّاریہ، 234/1)

12. جامع شرائط پير سان بيعت ڪري ان جي لڳاتار دعائن جي پناهہ ۾ اچڻ گهرجي. (رسالہ:مردے کے صدمے، ص23۔ بیاناتِ عطّاریہ، 234/1)

13. صحابہِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان ۽ اولياءِ عظام رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم جي محبت ۽ نسبت بہ عذابِ قبر کان بچائي وٺندي آهي. (رسالہ:مردے کے صدمے،ص 26۔ بیاناتِ عطّاریہ، 237/1)

14. دولت سان دوا تہ ملي سگهي ٿي پر شفا خريد نٿي ڪري سگهجي. (رسالہ:قیامت کا امتحان، ص19۔ بیاناتِ عطّاریہ، 331/1)

15. دنيا جي دولت کي پنهنجو سڀ ڪجهہ سمجهي ويهڻ دانشمندي (يعني عقلمندي) ناهي. (رسالہ:قیامت کا امتحان، ص 25۔ بیاناتِ عطّاریہ، 337/1)

16. رزقِ حلال جي طلب ۾ هرگز اهڙي مصروفيت نہ رکو جيڪا نمازن کان غافل ڪري ڇڏي. (رسالہ:قیامت کا امتحان، ص 25۔ بیاناتِ عطّاریہ، 337/1)

## ڪتاب "بياناتِ عطاريہ (جلد:2)" مان 21 مدني گل

1. جن خوش نصيبن جا ماءُ پيءُ زندهہ آهن انهن کي گهرجي تہ روزانو گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو انهن جا هٿ پير ضرور چمندا ڪن. (رسالہ:سمندری گنبد،ص5۔ بیاناتِ عطّاریہ، 24/2)

2. ماءُ يا پيءُ جي آواز تي هرگز پنهنجو آواز بلند نہ ٿيڻ ڏيو. (رسالہ:سمندری گنبدص5 ۔ بیاناتِ عطّاریہ، 25،24/2)

3. والدين جا حق تمام گهڻا آهن، انهن کان آجو ٿيڻ ممڪن ناهي. (رسالہ:سمندری گنبد،ص12۔ بیاناتِ عطّاریہ، 31/2)

4. اهو شخص تمام خوش نصيب آهي جيڪو ماءُ پيءُ کي خوش رکي ٿو. (رسالہ:سمندری گنبد،ص15۔ بیاناتِ عطّاریہ، 34/2)

5. هر ڪنهن کي گهرجي تہ پنهنجي پاڙيسرين سان سٺو ورتاءُ ڪري ۽ بغير ڪنهن شرعي مصلحت جي انهن جي احترام ۾ گهٽتائي نہ ڪري. (رسالہ:احترامِ مسلم، ص17۔ بیاناتِ عطّاریہ، 69/2)

6. احترامِ مسلم جو تقاضا هي آهي تہ هر حال ۾ هر مسلمان جي سمورن حقن جو لحاظ رکيو وڃي. (رسالہ: احترامِ مسلم، ص 26۔ بیاناتِ عطّاریہ، 78/2)

7. جڏهن انسان پاڻ کي ”اهم“ نہ سمجهندو تہ ڪيس ڪنهن جي نہ ”پڇڻ“ جو غم بہ نہ ٿيندو. (رسالہ:شیطان کے بعض ہتھیار، ص14۔ بیاناتِ عطّاریہ، 13/2)

8. مسلمان ٻئي مسلمان جو محافظ ۽ غمخوار هوندو آهي. (رسالہ:ظلم کا انجام، ص25۔ بیاناتِ عطّاریہ، 196/2)

9. وڙهڻ ۽ جهيڙو ڪرڻ مسلمان جو طريقو ناهي. (رسالہ:ظلم کا انجام، ص25۔ بیاناتِ عطّاریہ، 196/2)

10. جنهن سان ماڻهو گهڻو وابستہ هوندا آهن ان کان ٻانهن جي حق تلفي ٿيڻ جو امڪان بہ وڌيڪ هوندو آهي. (رسالہ:ظلم کا انجام، ص52۔ بیاناتِ عطّاریہ، 223/2)

11. مسلمانن جي دلجوئيءَ جي نيت سان ننڍن سان شفقت وارو ۽ وڏن سان ادب وارو لهجو رکو. (رسالہ:ظلم کا انجام، ص59۔ بیاناتِ عطّاریہ، 230/2)

12. ڳالهائڻ مهل بلڪه ڪنهن به حالت ۾ ڪِل (ٽهڪ) نہ لڳايو ڇو تہ سرڪار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪڏهن به ٽهڪ نہ لڳايو هو. (رسالہ:ظلم کا انجام، ص60۔ بیانات عطّاریہ، 231/2)

13. هميشہ مخاطب جي عقل ۽ نفسيات مطابق ڳالهايو وڃي. (رسالہ:ظلم کا انجام،ص62۔ بیاناتِ عطّاریہ، 233/2)

14. بدزباني ۽ بيحيائيءَ جي ڳالهين کان هر وقت پرهيز ڪريو. (رسالہ:ظلم کا انجام ،ص62۔ بیاناتِ عطّاریہ، 233/2)

15. حيا جي واڌ ۾ ماحول ۽ تربيت جو تمام گهڻو دخل هوندو آهي. (رسالہ:باحیا نوجوان، ص12۔ بیاناتِ عطّاریہ، 326/2)

16. حيا جيتري وڌيڪ هوندي اوتري ئي سٺي آهي. (رسالہ:باحیا نوجوان، ص15۔ بیاناتِ عطّاریہ ، 329/2)

17. باحيا انسان هميشہ باادب به هوندو آهي. (رسالہ:باحیا نوجوان، ص58۔ بیاناتِ عطّاریہ ، 372/2)

18. باحيا عورتون چاهي ڪجهه به ٿي وڃي پر بي پردگي نہ ڪنديون آهن. (رسالہ:زخمی سانپ، ص8۔ بیاناتِ عطّاریہ ، 431/2)

19. حقيقت تہ هيءَ آهي تہ انسان جو ظاهر ان جي دل جو نمائندو هوندو آهي. (رسالہ:اسلامی پردہ، ص9۔ بیاناتِ عطّاریہ ، 452/2)

20. پردي ڪرڻ ۾ جيتري وڌيڪ تڪليف ٿيندي اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! اوترو ئي ثواب به وڌيڪ ملندو. (رسالہ:اسلامی پردہ، ص17۔ بیاناتِ عطّاریہ ، 460/2)

21. باعزت ۽ حيا واري عورت لاءِ ان جي عصمت(يعني پاڪدامني) سڀ کان قيمتي شيءِ آهي. (رسالہ:اسلامی پردہ، ص 23۔ بیاناتِ عطّاریہ ، 466/2)

## ڪتاب ”بياناتِ عطاريه (جلد: 3)“ مان 15 مدني گل

1. اسان جي زندگيءَ جا لمحا بہ اڻ مُلھ هيرن وانگر آهن، جيڪڏهن اسان انهن کي بيڪار ضايع ڪري ڇڏيو تہ حسرت ۽ ندامت ڪانسواءِ ڪجهہ هٿ نہ ايندو. (رسالہ: انمول ہیرے، ص3۔ بیاناتِ عطّاریہ ، 19/3)

2. زندگيءَ جو جيڪو ڏينهن نصيب ٿي ويو ان کي غنيمت سمجهي جيتري قدر ٿي سگهي ان ۾ سنا سنا ڪم ڪري ونجن تہ بهتر آهي. (رسالہ:انمول ہیرے، ص7۔ بیاناتِ عطّاریہ ، 23/3)

3. اسان کي ان ڳالھ جو احساس هجي يا نہ، پر هي حقيقت آهي تہ اسان پنهنجي موت جي منزل ڏانهن تمام تيزيءَ سان هلي رهيا آهيون. (رسالہ:انمول ہیرے، ص7۔ بیاناتِ عطّاریہ ، 23/3)

4. ڪامياب ۽ عقلمند اهو آهي جيڪو ٻين کي مرندو ڏسي پنهنجو موت ياد ڪري ۽ قبر ۽ آخرت جي تياري ڪري وٺي. (رسالہ:ویران محل، ص11۔ بیاناتِ عطّاریہ ، 54/3)

5. ڪنهن نيڪيءَ کي ننڍو سمجهي ترڪ نہ ڪرڻ گهرجي، ڪهڙي خبر تہ اها ئي ننڍي نظر ايندڙ نيڪي الله پاڪ جي بارگاھ ۾ قبول ٿي وڃي. (رسالہ:نہر کی صدائیں، ص8۔ بیاناتِ عطّاریہ ، 76/3)

6. لذيذ کاڌا مزو وٺي کائڻ وارن کي جهنم جي هولناڪ کاڌن کي نہ وسارڻ گهرجي. (رسالہ: نہر کی صدائیں، ص17۔ بیاناتِ عطّاریہ ، 85/3)

7. بيمار پرسيءَ مهل مريض يا ڏکاري شخص جي سامهون پنهنجي چهري تي رنج ۽ غم واري ڪيفيت ظاهر ڪريو. (رسالہ: نہر کی صدائیں، ص21۔ بیاناتِ عطّاریہ ، 89/3)

8. مريض جي گهر وارن سان بہ همدرديءَ جو اظهار ڪريو ۽ جيڪا خدمت يا سهڪار ڪري سگهو ٿا سا ڪريو. (رسالہ: نہر کی صدائیں،ص21۔ بیاناتِ عطّاریہ ، 89/3)

9. مريض وٽ وڃي ان جي طبيعت پڇو ۽ ان جي لاءِ صحت ۽ عافيت جي دعا ڪريو. (رسالہ: نہر کی صدائیں، ص21۔ بیاناتِ عطّاریہ ، 89/3)

10. مريض کان پنهنجي لاءِ دعا ڪرايو ڇو تہ مريض جي دعا رد نہ ٿيندي آهي. (رسالہ: نہر کی صدائیں، ص21۔ بیاناتِ عطّاریہ ، 89/3)

11. دولت سان دوست تہ ملي سگهن ٿا پر وفا نٿي ملي سگهي. (رسالہ:پُراسرار بھکاری، ص14۔ بیاناتِ عطّاریہ ، 196/3)

12. دولت هلاڪت جو سبب تہ ٿي سگهي ٿي پر ان ذريعي موت کي ٽاري نٿو سگهجي. (رسالہ:پُراسرار بھکاری، ص14۔ بیاناتِ عطّاریہ ، 196/3)

13. دولت سان شهرت تہ حاصل ٿي سگهي ٿي پر عزت حاصل نٿي ڪري سگهجي. (رسالہ:پُر اسرار بھکاری، ص14۔ بیاناتِ عطّاریہ ، 196/3)


14. پنهنجو پاڻ کي قابل سمجهڻ ئي ناقابل هجڻ جي سڀ کان وڏي دليل آهي. (رسالہ:کالے بچھو، ص 8۔ بیاناتِ عطّاریہ ، 223/3)

15. جيڪو پنهنجو پاڻ کي شيطان کان محفوظ سمجهي، بس سمجهو تہ ان تي شيطان ڪامياب ٿي ويو.

(رسالہ:قوم لوط کی تباہ کاریاں، ص24۔ بیاناتِ عطّاریہ ، 389/3)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

ايندڙ هفتي جو رسالو




فیضانِ مدینہ، محلہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی کراچی
UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278
www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net
feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net